ڊاڪٽر نور افروز خواجہ

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادب جي عظيم هستي

# DR. N.A BALOCH A GREAT RESEARCH SCHOLAR ON SINDHI LANGUAGE & LITERATURE

**Dr. Noor Afroz Khowaja**
Dean Faculty of Arts,
Professor, Sindhi Department
University of Sindh, Jamshoro

**ABSTRACT**

Dr. N.A Baloch [1917 - 2011] was a renowned Linguist and Literary Research Scholar of Sindh. He was appointed first Professor in the University of Sindh for the Department of Education in 1951. Allama I.I Kazi, the Founder Vice Chancellor University of Sindh established Department of Sindhi in 1952 and handed over its charge as In charge Chairman to Dr. N.A Baloch. Department of Sindhi Under his able administration and guidance, started working with noble standards of teaching and research. Dr. Baloch devoted his whole life for education and Research. He wrote books on origin and structure of Sindhi Language & Literature. He compiled books on Sindhi Folklore in 42 vol., compiled first complete Dictionary of Sindhi Language in 5 vol., compiled many books of Classical Poets of Sindhi Language, he Edited books on history of Sindh and wrote many other books on various topics of language and literature.

Dr. Baloch, after his retirement worked as Emeritus Professor and Chair Professor of Allama I.I Kazi Chair. He carried out research work on the text of Shah Jo Risalo to find out its originality in order to separate some mixed poetry which he proved do not belong to Shah Abdul Latif Bhittai. This research was published in 10 vol. After completing this too long project, Dr. Baloch started writing on folklore which Published in series of books under the title "REHAN HEERAN KHAN" in 10 vol. Dr. Baloch said this book is my Autobiography too.

Dr. Baloch worked throughout life in the University of Sindh. In his last years of life he wrote a letter to the Vice chancellor Allama I.I. Kazi

Campus Jamshoro in which he expressed his wish to rest eternally under the University soil and at the feet of Allama I.I Kazi. After his demise he was laid to rest eternally at his willing place in the University of Sindh.

In this paper I have traced out all the important facts belonging to his noble research work.

پروفيسر ايمريٽس، سنڌ يونيورسٽي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پوري برصغير جي هڪ اهڙي اهم شخصيت جو نالو آهي، جنهن سنڌي ٻولي ۽ ادب کي هميشه زنده رکيو آهي. ان جي ترقي ۽ ترويج ۾ پاڻ سدائين اڳرا رهيا آهن. سنڌ جا ماڻهو ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت تي جيترو فخر ڪن ٿا، شايد ئي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪنهن اديب ۽ عالم تي ڪير ڪندو هجي. ڊاڪٽر بلوچ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪندي گذاري، سندس خدمتن جي عيوض کيس ستاره امتياز، صدارتي تمغه حسن ڪارڪردگي، تمغه پاڪستان ۽ ستاره قائداعظم، ڪمال فن ايوارڊ، اعزاز ڪمال ۽ Lifetime Academic Achievement Award سان نوازيو ويو.

ڊاڪٽر صاحب جي پيدائش 16 ڊسمبر 1917ع ۾، ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ ۾ ٿي. ان وقت سنڌ ۾ خاص طور تي ڳوٺن ۾ اسڪول ڪونه هئا. پر ڊاڪٽر صاحب جي پڙهائيءَ جي شوق کي ڏسي، سندس چاچي ولي محمد خان، کيس ٻين هنڌن تي سٺن اسڪولن ۾ ويهاريو. پاڻ بمبئي يونيورسٽيءَ مان 1936ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس، بهاءُ الدين ڪاليج جهونا ڳڙهه ۽ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي. ان کان پوءِ، ڪولمبيا يونيورسٽيءَ مان ايم.ايڊ ۽ ڊاڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن جون ڊگريون حاصل ڪيون.

ڊاڪٽر صاحب، پنهنجي زندگيءَ ۾ لکيل ڪتابن، مضمونن ۽ مقالن ۽ انٽرويوز ۾، پنهنجي پوري زندگي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان جيڪو سندس عشق هو انهيءَ بابت تفصيلي طور معلومات ڏني آهي، ته پاڻ ڪيترين تڪليفن سان تعليم حاصل ڪري، انگريزي، سنڌي، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪري انهن ٻولين ۾ بي شمار ڪتاب لکي، پنهنجو نالو هميشه لاءِ زنده رکيو آهي. اهڙيون عظيم هستيون، جيستائين سنڌي قوم جو هڪ فرد يا سنڌي ٻولي موجود هوندي، ڪتابن ۾ سنهري اکرن ۾ نالو لکي ياد ڪيون وينديون.

ڊاڪٽر صاحب جن جي شخصيت، علميت، ڪماليت، ادبي چال ۽ علمي مرتبو رکندڙ پوري دنيا ۾ ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻولي نه صرف سنڌ ۽ هندستان تائين بلڪ پوري دنيا ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ڊاڪٽر صاحب جي خدمتن ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتابن کي ايتري شهرت ملندي رهندي ۽ اهي ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت تي فخر ڪندا رهندا.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي شخصيت ۽ علمي، ادبي خدمتن بابت لکن ٿا تہ:

"ڊاڪٽر صاحب علم التعليم، ادبيات، لسانيات، علم اللغات، سنڌي ادب، سنڌ جي ثقافت، آثار شناسي، لطيف شناسي، لوڪ ادب ۽ سنڌ شناسي تي وڏو دسترس رکندڙ بين الاقوامي دانشور هجڻ جي حقيقت رکندڙ سنڌ جو اهو فرزند آهي، جنهن تي سنڌ وارا جيترو فخر ڪن، اهو ٿورو آهي." (ڊاڪٽر الانا، "نئين زندگي"، 2000ع، ص 7)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي تعليم مڪمل ڪري، 1951ع ۾ علامہ آءِ.آءِ. قاضيءَ جي وقت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر ۽ پوءِ ان ئي انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. پاڻ ان وقت سنڌي شعبو بہ قائم ڪرايائون. 53-1952ع کان وٺي 1959ع تائين ان جي انچارج چيئرمين جي حيثيت ۾ رهيا ۽ شعبي ۾ ڪيترائي تحقيقي ڪم ڪرايائون. ان کان سواءِ پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نيو ڪئمپس جي پلاٽ وٺڻ کان وٺي، نيو ڪئمپس جي مختلف شعبن کي قائم ڪرڻ، پريس، ميوزيم وغيره ۾ علامہ آءِ.آءِ. قاضيءَ جا ٻانهن ٻيلي ٿي رهيا. پاڻ وائيس چانسلر ٿيڻ تائين، سنڌ يونيورسٽيءَ کي بهتر کان بهتر ڏسڻ لاءِ ڪوششون ڪندا رهيا.

ڊاڪٽر صاحب پاڻ نہ صرف هڪ استاد هئا، پر هڪ سٺا اسڪالر، هڪ سٺو منتظم پڻ رهيو آهي. پاڻ ڪيترائي عهدا ماڻيائون پر هڪ هڪ عهدي تي نهايت ئي سچائي، ايمانداري ۽ جفاڪشيءَ سان ڪم ڪري پنهنجو پاڻ کي مڃرايائون.

1980ع ۾ اسلام آباد، اسلامي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر رهيو. نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ جا 1979ع کان 1982ع تائين ڊائريڪٽر رهيو. تعليم جو وزير رهيو. 1977ع کان 1979ع تائين ثقافت، آثار قديمہ، رانديون ۽ صحت جا وزير مقرر ٿيا. 1979ع ۾ قومي ڪميشن تحقيق، تاريخ ۽ ثقافت جا چيئرمين مقرر ٿيا. 1983ع کان 1989ع تائين نيشنل هجره ڪائونسل اسلام آباد جا مشير ٿي رهيا. پاڻ اتي بہ ڪيتريون ئي اسڪيمون ٺاهي، ڪتاب شايع ڪرايا. سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ جو1990ع ۾ پهريون چيئرمين رهيو جتي پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ وغيره بابت تمام گهڻو ڪم ڪيائون ۽ آخري وقت تائين سنڌ يونيورسٽي ۽ ٻين ادارن ۾ سينيٽ، اڪيڊمڪ ڪائونسل جا ميمبر ۽ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ بہ هئا، جتي پاڻ ڪيترائي مفيد مشورا ڏيندا رهندا هئا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪيترن ئي موضوعن تي سوين ڪتاب ۽ بي شمار مقالا لکيا آهن. پاڻ سنڌي ادب تي ۽ ٻوليءَ تي ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا بابت پنهنجو نظريو پيش ڪيو اٿائين ۽ سنڌي ادب جي شروعات بابت وضاحت

سان بيان ڪيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي زندگيءَ جا ٽي اصول هئا. هڪ زندگيءَ ۾ ڊسيپلين، ٻيو ڪم ۽ فقط ڪم ۽ ٽيون ڪنهن بہ تنقيد جو جواب نہ ڏيڻ. جنهن سان وقت ضايع ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري سندس زندگيءَ ۾ هن ڪيترائي اهم ڪم ڪيا آهن.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي زندگيءَ جو وڏو ڪارنامو شاهہ لطيف جي ڪلام کي مرتب ڪرڻ آهي. پاڻ لطيف سائينءَ جي ڪلام جو وڏو ڄاڻو هو. هن ڪلام جي ڪيترن سُرن کي ترتيب ڏيئي، شاهہ جي ڪلام جا ڏهہ جلد مڪمل تيار ڪري، ان جي شرح تيار ڪئي. ان کان علاوه پاڻ جامع سنڌي لغت 1951ع، سنڌي - اردو لغت 1959ع، اردو - سنڌي لغت 1960ع ۾، جواهر اللغات، سنڌي اڪيچار هڪ جلدي سنڌي لغات 1959ع، انگريزي — سنڌي لغت ۽ ٻيا بہ ڪيترائي لغت جا ڪتاب تيار ڪرايائين.

ڊاڪٽر صاحب جو ٻيو وڏو ڪارنامو لوڪ ادب کي سهيڙڻ آهي. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جي مدد سان 1956ع کان منظور ڪيل رٿا مطابق ڪم شروع ڪرايو ۽ 38 صفحن تي، 40 کان مٿي ڪتاب شايع ڪرايائون. پاڻ انهيءَ بابت لکن ٿا تہ:

"ان تجويز مطابق 1959ع کان لوڪ ادب جي سهيڙن جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ۽ ڏنل هدايتن موجب ٻهراڙين مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي لغت آفيس سان گڏ، لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا تہ مقامي طور گڏ ڪيل توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، پيٽي صاف ڪري ڇپائڻ لائق بنائين." (ڊاڪٽر بلوچ، 1998ع، ص 56).

محترم بدر ابڙو ڊاڪٽر صاحب جي لوڪ ادب ۾ ڪيل اهم ڪمن بابت لکي ٿو تہ:

"جيئن تہ ڊاڪٽر صاحب، سنڌ جو چپو چپو اکين سان ڏٺو ۽ مقامي روايتن کي ڪيئي جلدن ۾ سهيڙيون، ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ، سنڌ جو گهڻو لوڪ ادب ۽ روايتون (جيڪي تاريخ جون ٽٽل يا گم ٿيل ڪڙيون هونديون آهن) رڪارڊ تي چڪيون آهن. ان حوالي سان ڊاڪٽر صاحب ٻين لاءِ ڪو ٿورو مواد پوئتي ڇڏيو آهي. اهوئي سبب آهي جو مون کي يا ڪنهن بہ محقق کي جڏهن بہ ڪو تاريخي، تحقيقي ڪم ڪرڻو آهي يا لغت نويسيءَ ڏانهن وڃڻو آهي تہ سڀ کان پهرين ڊاڪٽر صاحب جا ترتيب ڏنل ڪتاب لازمي طرح پڙهڻا پون ٿا. اهي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ئي ڪو محقق ڪنهن رخ ۾ ڪا وِک کڻي سگهندو." (بدر ابڙو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، تحقيق جو سرواڻ، ڪاوش، 10 اپريل، 2011ع)

ڊاڪٽر صاحب لوڪ ادب جي ڪم تي پنهنجو پاڻ مڃايو هن وقت تائين جيترو بہ ڪم ڊاڪٽر بلوچ جو ڪيل آهي، ٻئي ڪنهن بہ اسڪالر نہ ڪيو آهي. پاڻ سنڌ جو

صدين کان لکل، لُڪيل خزانو هٿ ڪري، ناهي، سنواري، سينگاري پيش ڪيو. بقول ڊاڪٽر صاحب جي تہ ايتروئي مواد اڃا اڻ ڇپيل موجود هو جن ۾ لوڪ ڪهاڻين بادشاهن، وزيرن، شهزادن، سوداگرن، جادوگرن، جنن ڀوتن، ڏائڻن، جانورن، پکين ۽ انسانن جي عشق جي عقل، سمجهہ، سياڻپ، همت، شجاعت، بهادري ۽ همدرديءَ جا قصا ۽ نصيحت آميز نڪتا، مختلف روايتن سميت بيا ڪيا آهن. پاڻ لوڪ ڪهاڻين جا 7 جلد تيار ڪيائون. جن ۾ مقدما، ڪهاڻين جا تر ۽ ٻر، ڪهاڻين جا ڪردار ۽ ڪهاڻين بابت تاريخي روايتن وغيره ڪي بيان ڪيو آهي. ان کان سواءِ قصن ۽ عشقيہ داستانن تي ڪتاب لکيائون. معياري نظمن، ديني نظمن، مولود، مدح، ٽيهہ اکريون، مناظره، هفتا، ڏينهن ۽ راتيون نظم، واقعاتي بيت، جنگ نامہ، سانن سنئوٽن، ڪافيون، لوڪ گيتن جمالو مورو ڇلڙو لولي، همرچو کان علاوه ڳيچ وغيره سينگار شاعري، نثربيت، پرولي، هنر، ڏٺ، معما، ڳجهارت وغيره جي صنفن تي ڪتاب لکي، انهن صنفن بابت ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ، سگهڙن جو ڪلام بہ شايع ڪرائي، سنڌي ٻوليءَ کي مالامال ڪيو آهي. سندس گڏ ڪيل انهيءَ خزاني جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، سنڌي ثقافت، سنڌ جي تاريخي ۽ سماجي سياسي حالتن، ريتن رسمن، ڏنڌي واپار، پوک، هنر سان گڏ سنڌ جي شهرن، ڳوٺن، هنڌن، ماڳن جي ذڪر سان سنڌ جي ڏهن سخي ڏاتارن جي سخاوت جي هاڪ هئي، انهن بابت ڄاڻ ملي ٿي. سڄي ڪم جو ڪريڊيٽ ڊاڪٽر صاحب ڏانهن وڃي ٿو.

انهيءَ کان علاوه ڊاڪٽر صاحب سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي بہ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. پاڻ موسيقيءَ ۽ راڳ جو سنو ڄاڻو هو. انهيءَ ڪري ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام جي موسيقيءَ تي پڻ ڪم ڪيو آهي. پاڻ 1973ع ۾ سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب (Development of Music in Sindhi) لکيائون.

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن شاهہ لطيف الله قادري، شاهہ عنايت رضوي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، خليفو نبي بخش لغاري، صوفي محمد صديق فقير، حمل خان لغاري ۽ نواب ولي محمد لغاريءَ وغيره جي ڪلام کي سهيڙي، ترتيب ڏيئي، انهن جي زندگيءَ ۽ ڪلام بابت مقدما لکي شايع ڪرايا آهن. جيڪو بہ سندن وڏو ڪارنامو شمار ٿئي ٿو.

پاڻ عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين ۾ بہ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا آهن. سنڌيءَ جي تاريخي ڪتابن، تاريخ معصومي ڇچ نامہ، تحفة الڪرام، تاريخ طاهري، لب تاريخ سنڌ، بنگلار نامہ ڪتاب سندس ئي ڪوشش جو نتيجو آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا سنڌ جي تاريخ بابت 17 مقالا لکيل آهن. پاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌ جي علمي ادبي تاريخي ذخيري تي، پير حسام الدين راشديءَ سان گڏجي ادبي بورڊ جي رٿا تحت پيا بہ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا.

ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت، سنڌس سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ ڪيل خدمتن جو شمار ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. ڊاڪٽر صاحب جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي ته ڪئين ڪتاب لکي سگهجن ٿا. صرف هڪ مقالي ۾، ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت کي پيش ڪرڻ ناانصافي ٿيندي، پر ادب جي هڪ ادنيٰ خادم جي حيثيت ۾، ڊاڪٽر صاحب تي ٻه ٽي لفظ لکي، پاڻ کي سنڌس پسند ڪندڙن ۽ متاثر ٿيندڙن ۾ شمار ڪرائي سگهان ٿي. جاڪاڻ ته منهنجي چيئرپرسن واري سڄي دؤر ۾، ڊاڪٽر صاحب سان سنڌي شعبي مان شايع ٿيندڙ ڪتابن "ڪينجهر" جي مختلف پرچن لاءِ ۽ شاهه لطيف تي شايع ٿيندڙ ڪتابن "اڳهيا سُٽ سندا" ۽ "لوچيان ٿي لاحد ۾" ڪتاب ۾ مقالن لاءِ ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ۽ لکپڙهه ٿيندي رهندي هئي. اسان سنڌس لکيل مقالن کي ڪمپوز ڪري (سنڌس چوڻ مطابق پروف ڏسڻ لاءِ) موڪليندا هئاسون ته ٻن ٽن ڏينهن ۾ ڏسي موڪليندا هئا ۽ هر وقت منهنجي همت افزائي ڪندا رهندا هئا. ان کان سواءِ سنڌي شعبي ۾ منعقد ٿيندڙ شاهه لطيف ليڪچر پروگرامن ۾ شرڪت ڪري، پنهنجي قيمتي راءِ ڏيندي اصلاح ڪندا رهندا هئا. سنڌي شعبي جي ڪتاب "اڳهيا سُٽ سندا" ۾ سنڌس تقرير پڻ شامل ڪيل آهي.

آخر ۾ الله سائينءَ کان اها دعا آهي ته هو کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ اسان سڀني کي اها توفيق ڏئي ته سنڌس نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ سنڌس نوازيل سرمايي کي پڙهون، سکون، سمجهون، عمل ڪريون ۽ سنڀالي رکون. ائين ڪرڻ سان ڊاڪٽر صاحب هر وقت، هر لمحي اسان جي دلين ۾ سدائين موجود رهندو.

## حوالا


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، مقالو: "هڪ ڀڳڙو دانشور"، ڊسمبر 2000ع، نئين زندگي، انفارميشن ڊپارٽمينٽ آف پاڪستان، ص 7.

2. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، "ڊاڪٽر بلوچ، هڪ مطالعو"، 1998ع، لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين.

3. ابڙو بدر، "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، تحقيق جو سرواڻ"، ڪاوش اخبار، 10 اپريل، 2011ع.